قرآني بيان

# معراج واري رات

# ربَّ جو ديدار

(سپارو:27، سورة نجم: 11،13)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)

جي تحت مسجدن جي لاءِ

16جنوري، 2026ء

( متوقع اسلامي تاريخ 26، رجب شريف 1447ھ)

جمعة المبارڪ جو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 16 جنوري، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ 26، رجب شريف 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# معراج واري رات ربّ جو ديدار (سيپارو:27، سوره نجم: 11_13)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... دنيا جو سڀ کان ڏگهو ۽ تمام مختصر سفر
- ✿... پادريءَ معراج جي گواهي ڏني
- ✿... ديدارِ الاهي جي باري ۾ مبارڪ حديثون
- ✿... ديدارِ الاهي ڪرڻ جو وظيفو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK (+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES (+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دروِد پاڪ جي فضيلت

عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قَالَ: مَا مِنْ مُسْلِمٍ يُصَلِّيْ عَلَيَّ اِلَّا صَلَّتْ عَلَيْهِ الْمَلَائِكَةُ مَا صَلّٰى عَلَيَّ، فَلْيُقِلَّ الْعَبْدُ مِنْ ذٰلِكَ اَوْ لِيُكْثِرْ۔

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مسلمان جيستائين مون تي درود شريف پڙهندو رهندو آهي، ملائڪَ ان تي رحمتون موڪليندا رهندا آهن، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي تہ ٿورو پڙهي يا گهڻو.[1]

عاصيو! جرم کی دوا ہے درود | کیا دوا عینِ کیمیا ہے درود
ایک ساعت میں عمر بھر کے گناہ | کرتا معدوم اور فنا ہے درود
چھوڑئیو مت درود کو کافیؔ | راہِ جنّت کا راہنما ہے درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى ﴿۱۱﴾ اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى ﴿۱۲﴾ وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى ﴿۱۳﴾
(سيپارو: 27، النجم: 11_13)

[1]…ابن ماجہ، کتاب اقامہ الصلاۃ …الخ، باب الصلاۃ علی النبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، صفحہ:152، حدیث:907۔

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

ترجمو كنزُ العرفان: دل ان جو انكار نہ كيو جيكو (اک) ڏٺو پوءِ ڇا توهان ان سان ان جي ڏٺل تي جهڳڙو كيو ٿا ۽ ان تہ اهو جلوو ٻيهر ڏٺو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا جو سڀ كان ڊگهو..! پر مختصر ترين سفر

پيارا اسلامي ڀائرو! منهنجي ۽ اوهان جي پياري پياري آقا، مكي مدني مصطفيٰ، معراج جي گهوٽ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سفرِ معراج دنيا جو سڀ كان ڊگهو ۽ نهايت ئي مختصر سفر آهي. هي مبارك سفر ڊگهو تہ ايترو آهي جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مكي شريف كان هليا، مسجدِ اقصيٰ تشريف وٺي آيا، پوءِ اتان كان پهرين آسمان تي، پوءِ ٻئين، ٽئين، چوٿين، پنجين، ڇهين ۽ ستين آسمان تي پهتا، اتان كان سدرة المنتهيٰ تشريف كڻي آيا، پوءِ ان كان اڳتي مقامِ مستويٰ، پوءِ عرشِ عُليٰ، پوءِ ان كان اڳتي مقامِ دنيٰ (يعني لامكان) تي تشريف كڻي ويا. هي لَکين كلوميٽرن جو سفر آهي. بلك آسمانن جو جيكو سفر آهي، سائنس ۾ ان جي پيمائش روشني جي رفتار سان كئي ويندي آهي. سائنسي تحقيق مطابق ان وقت تائين كائنات ۾ سڀ كان تيز رفتار شيءِ روشني آهي. روشني هڪ سيكنڊ ۾ 3 لک كلوميٽر جو فاصلو طئي كندي آهي ۽ سج جي روشني كي زمين تائين پهچڻ ۾ 8.3 منٽ لڳندا آهن ، يعني سج كان زمين تائين 14 كروڙ 94 لک كلوميٽر جو فاصلو آهي، پوءِ سج اڃا پهرين آسمان كان بہ هيٺ آهي، سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: زمين كان سدرةُ المنتهيٰ جو فاصلو 50 هزار سالن جو رستو آهي، ان كان اڳتي مستويٰ، ان كان پوءِ كي اللّٰه پاك ڄاڻي، ان كان اڳتي عرش جا 70 حجاب آهن، هر حجاب كان ٻئي حجاب تائين 500 سالن جو فاصلو آهي.[1] هي كل ملائي 35 هزار سالن جو فاصلو ٿيو، 35 هزار سالن جو

[1] ...ملفوظات اعلى حضرت، صفحہ:439۔

رستو هي، 50 هزار سالن جو رستو زمين کان سدرةُ المنتهیٰ تائين، 35 ۽ 50 = 85 هزار سالن جو فاصلو ٿيو، پوءِ سدرة المنتهيٰ کان عرش جي حجابن تائين ڪيترو فاصلو آهي، اهو ڪير به نٿو ڄاڻي، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرش کان اڳتي، ڪيستائين تشريف کڻي ويا، ان کان به ڪير واقف ناهي، مطلب ته معراج جا گهوٽ، سرورِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايترو هزارين لکين سال پري ويا به، واپس به تشريف کڻي آيا. مطلب ته هي ان سفر جي ڏيگهه آهي جو ايترو ڊگهو سفر جيڪو ڪيترن ئي ڪروڙ ڪلوميٽرن تي مشتمل آهي. پوءِ ان سان گڏ ئي انتهائي حيراني جي ڳالهه آهي ته هي دنيا جو سڀ کان ڊگهو سفر نهايت ئي مختصر به هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لامڪان ۾ تشريف کڻي ويا، پوءِ واپس به پهچي ويا ۽ وقت اجا ڪيترو گذريو هو؟ ڪجهه سيڪنڊ، بسترو مبارڪ اجا گرم هو، دروازي جي ڪُنڊي اجا لُڏي رهي هئي.

تفصیل سے کی سیر مگر اِس پہ یہ طُرّہ
اِک پل میں یہ طے ہو گیا رستہ شبِ معراج
زنجیر درِ پاک کی ہِلتی ہوئی پائی
اور گرم تھا وہ بستر شبِ معراج(1)

هڪ شاعر هتي تمام خوبصورت ڳالهه چئي، لکن ٿا:

رُک گئی ہے آج نبضِ جہاں
اُن کی ہستی نکل گئی ہو گی

وضاحت: اصل ڳالهه هيءَ آهي ته اسان جا آقا و مولا، محمدِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪائنات جو روح آهن، روح نڪري وڃي ته جسم بيهي ويندو آهي، اهڙي طرح جڏهن روحِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن

---

1...قبالۂ بخشش، صفحہ:126۔

ڪائنات مان نڪري لامڪان جي طرف تشريف ڪٺي ويا تہ ڪائنات بيهي وئي، هر شيءِ تي خاموشي طاري ٿي وئي، پوءِ جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپس تشريف ڪٺي آيا تہ ڪائنات ٻيهر زنده ٿي وئي ۽ هر شيءِ وري هلڻ لڳي.

وہ جو نہ تھے تو کچھ نہ تھا، وہ جو نہ ہوں تو کچھ نہ ہو

جان ہیں وہ جہان کی جان ہے تو جہان ہے[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شبِ معراج ربّ جو ديدار

پيارا اسلامي ڀائرو! سفرِ معراج ڪيترن ئي حيران ڪندڙ واقعن جو مجموعو آهي، هن سفر ۾ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي امامت بہ فرمائي، آسمانن جي سير بہ فرمائي، جنت کي ديدار جو شرف بہ بخشيو، دوزخ ۽ دوزخين جا عذاب بہ ڏٺا، ائين ئي ٻيا ڪيترائي واقعا آهن، جيڪي شبِ معراج ۾ پيش آيا. البت هن سفر مبارڪ جو جيڪو سڀ کان اهم ترين مرحلو آهي، اصل ۾ جنهن لاءِ هي سفر ٿيو، اهو محبوبِ خدا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضري آهي. ربِ ڪريم هن رات پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خاص قرب ۾ گهرايو ۽ بلا حجاب (يعني بنا ڪنهن بہ پردي جي) جاڳندي، مٿي جي اکين سان پنهنجو ديدار ڪرايو.

الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى ﴿۱۱﴾<br>(سيپارو: 27، النجم: 11) | ترجمو ڪنزُ العرفان: دل ان جو انڪار نہ ڪيو جيڪو (اک) ڏٺو. |

[1] ...حدائقِ بخشش، صفحہ:178۔

يعني سرڪارِ دو عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو ڏٺو، سندن دل مبارڪ به ان جي تصديق ڪئي، مطلب هي آهي ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ربِ ڪريم کي سر جي اکين سان ڏٺو، دل سان سڃاتو ۽ ان سڃاڻڻ ۾ ڪين بلڪل به شڪ نه ٿيو.[1]

| | |
|---|---|
| اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى ﴿۱۲﴾ (سيپارو: 27، النجم: 12) | ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ڇا توهان ان سان ان جي ڏٺل تي جهڳڙو ڪيو ٿا. |

هي مڪي شريف جي غير مسلمن سان خطاب آهي، ڇو ته اهلِ مڪه معراج جي واقعي جو انڪار ڪيو هو، تنهنڪري انهن کي فرمايو ويو: اي اهلِ مڪه! اي مشرڪين...!! اسان جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو ڪجهه ڏٺو، اوهان ان بابت ان کان جهڳڙو ڪيو ٿا..!![2] ٻڌو!

| | |
|---|---|
| وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى ﴿۱۳﴾ (سيپارو: 27، النجم: 13) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ان ته اهو جلوو ٻيهر ڏٺو. |

يعني رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو جلوو صرف هڪ ڀيرو نه بلڪه بار بار ڏٺو آهي.[3]

## مڪي وارن جي سوالن جا جواب

پيارا اسلامي ڀائرو! هي به هڪ حقيقت آهي ته جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سفرِ معراج کان واپس تشريف ڪٺي آيا ته اهلِ مڪه هن واقعي جي پرزور مخالفت ڪئي. پنهنجي طور تي پوري طرح سان

[1]...صراط الجنان، پاره:27، سورهٔ نجم، زير آيت:11، جلد:9، صفحه:553۔

[2]...صراط الجنان، پاره:27، سورهٔ نجم، زير آيت:12-13، جلد:9، صفحه:555خلاصةً۔

[3]...صراط الجنان، پاره:27، سورهٔ نجم، زير آيت:12-13، جلد:9، صفحه:555۔

ان جي چنڊچاڻ ڪئي، آسمان، سدرةُ المنتهيٰ، عرش و ڪرسي وغيره ڪي ته نه انهن ڏٺو هو، نه ئي ڪو ڏسي سگهيو آهي. البت بيتُ المقدس انهن ڏٺو هو ۽ انهن ڪي هي به معلوم هو ته محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به بيت المقدس تشريف ڪٿي نه ويا هئا. تنهنڪري انهن معراج جي واقعي جي تصديق جي لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان مختلف سوال ڪيا. ڪنهن پڇيو: اتي ڪيترا دروازا آهن؟ ڪنهن چيو: بيت المقدس جو رقبو ڪيترو آهي؟ ڪنهن پڇيو: بيت المقدس جو گنبد ڪيترو بلند آهي؟[1]

الله اڪبر! ڪهڙا ته فضول سوال آهن، خليفهٔ اعليٰ حضرت علامه ظفر الدين بهاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عام ڳالهه آهي، ماڻهو ڪنهن گهر ۾ ويندو آهي ته ان جي حيثيت مختلف هوندي آهي، هي انجنيئر جو حال آهي ته هو جڏهن ڪنهن گهر ۾ وڃي ته ان جي نگاهه انهن ڳالهين جي طرف هوندي آهي، هو سوچيندو آهي ته عمارت ڪيتري اوچي آهي؟ ديوارون ڪيتريون ٿلهيون آهن؟ عمارت جو رقبو ڪيترو آهي؟ ڪيترا دروازا آهن؟ جيڪو شخص ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ ويندو آهي، ان جي توجهه هرگز انهن شين جي طرف نه هوندي آهي، ۽ پوءِ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معاملو ته آهي ئي جدا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هن رات خاص تجليءِ الٰهي هئي، هن خاص ڪيفيت ۾ بلڪ عام حالتن ۾ به بيت المقدس جا دروازا ڳڻڻ، رقبي تي غور ڪرڻ، گنبد جي بلندي ڪي سوچڻ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ نبوت جي خلاف هو.[2] تنهنڪري حديث شريف ۾ آهي: جڏهن انهن ماڻهن بيت المقدس بابت اهڙا فضول سوال پڇيا ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان بيت المقدس جون نشانيون بيان فرمائڻ لڳا، ايتري قدر جو ڪجهه ڳالهين ۾ ڪين شبهو ٿيو ته بيت المقدس سندن سامهون ڪري ڏنو ويو، پاڻ ان ڪي ڏسندا هئا ۽ هڪ هڪ شيءِ بابت ٻڌائيندا رهيا، جڏهن

---

[1]…تاريخ خميس، رکن ثانی، جلد:1،صفحہ:582۔

[2]…تحفۂ معراج النبی، صفحہ:334-335۔

پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو ته ماڻهو پڪاري اٿيا: جيتريون به نشانيون آهن، خدا جو قسم! اهي بلڪل درست آهن[1]

ممکن ہی نہیں عقلِ دوعالَم کی رسائی

ایسا دیا اللہ نے رُتبہ شبِ مِعْرَاج[(2)]

*-*-*-*

| | | | |
|---|---|---|---|
| الله کی عنایت | مرحبا | معراج کی عظمت | مرحبا |
| آقا کی رِفعت | مرحبا | آسماں کی سیاحت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ديدارِ الٰهي بابت احاديثِ ڪريم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا آقا و مولا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شبِ معراج جاڳندي، پنهنجي مٿي جي اکين سان پوري هوش ۽ حواس سان پنهنجي ربِ ڪريم جو ديدار ڪيو ۽ ان شان سان ڪيو جو

| | |
|---|---|
| مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ﴿۱۷﴾ (سيپارو: 27، النجم: 17) | ترجمو ڪنزُ العرفان: اک نه ڪنهن طرف ڦري ۽ نه حد کان وڌي. |

۞ مسند امام احمد ۾ صحيح سند سان حديثِ پاڪ آهي، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: رَأَيْتُ رَبِّي تَبَارَكَ وَتَعَالٰى مون پنهنجي ربِ ڪريم کي ڏٺو.[3]

۞ امام ديلمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه حضرت جابر بن عبد الله رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت لکي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

[1]...مصنف ابن ابی شیبۃ، کتاب الفضائل، جلد:7، صفحہ:422-423، حدیث:62 خلاصۃً۔

[2]...قبالۂ بخشش، صفحہ:125۔

[3]...مسند امام احمد، مسندبنی ہاشم، مسند عبداللہ بن العباس، جلد:2، صفحہ:218، حدیث:2631۔

إِنَّ اللّٰهَ اَعْطٰى مُوْسٰى الْكَلَامَ وَاَعْطَانِى الرُّؤْيَةَ بيشڪ الله پاڪ موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجي هم ڪلامي جو شرف بخشيو ۽ مون کي ديدار جي نعمت عطا فرمائي.[1] ◈ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي: قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قَالَ لِى رَبِّى نَحَلْتُ إِبْرَاهِيمَ خُلَّتِى، وَكَلَّمْتُ مُوسٰى تَكْلِيمًا، وَأَعْطَيْتُكَ يَا مُحَمَّدُ كِفَاحًا. يعني رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مون کي منهنجي ربّ ڪريم فرمايو: مون ابراهيم کي پنهنجو خليل بڻايو، موسيٰ کي هم ڪلامي جو شرف بخشيو ۽ اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان کي بغير حجاب پنهنجي ديدار جو شرف بخشيو.[2]

سُبْحٰنَ الله! انهن حديثن مان معلوم ٿيو: جاڳندي، مٿي جي اکين سان بغير ڪنهن پردي جي الله پاڪ جو ديدار ڪرڻ، اسان جي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خصوصي شان آهي.

تبارک اللہ شان تیری، تجھی کو زیبا ہے بے نیازی
کہیں تو وہ جوشِ لن ترانی، کہیں تقاضے وِصَال کے تھے
بڑھ اے مُحَمَّد! قریں ہو احمد! قریب آ سرورِ مُمَجَّد
نِثار جاؤں! یہ کیا نِدا تھی، یہ کیا سماں تھا، یہ کیا مزے تھے (3)

## سيني رسولن کان اعليٰ اسان جو نبي

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ تمام خوبصورت ۽ ايمان افروز نڪتو آهي، الله پاڪ جو ديدار ناممڪن ناهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! آخرت ۾ هر جنتي کي

---

[1] ...مسند الفردوس، جلد:1، صفحه:162، حديث:600۔

[2] ...تاريخ ابن عساکر، باب ذکر عروجه الی السماء...الخ، جلد:3، صفحه:517۔

[3] ...حدائقِ بخشش، صفحه:234 بتقدم وتاخر۔

ديدارِ الٰهي نصيب ٿيندو بلڪ جنت جون جيتريون نعمتون آهن، انهن ۾ سڀ کان اعليٰ نعمت ديدارِ الٰهي آهي. هاڻي ٿورو غور فرمايو! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تائين جيترا انبياءِ ڪرام عليهم السلام تشريف کڻي آيا، پوءِ انهن جي اُمَّت جا اهلِ ايمان، اسان گنهگار اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جنت ۾ ربِ ڪريم جي ديدار جو شرف ماڻيندا سين، پر ٿورو فاصلن جي ڳڻپ ڪريو! ۞ پهريان تہ هن دنيا جي مشڪلاتن سان ڀريل زندگي ۞ پوءِ حالتِ نزع ۞ عالم برزخ (يعني قبر) ۾ هزارين سالن جو قيام، پوءِ قيامت، قيامت جو 50 هزار سالن جو ڏينهن، پوءِ ان کان پوءِ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جنت ۾ داخلا نصيب ٿيندي، پوءِ اتي جي نعمتن ۾ سڀ کان اعليٰ نعمت الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيندو. مطلب تہ تمام انسانن کي جيڪا نعمت ايترن مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ عطا ڪئي ويندي، منهنجي ۽ اوهان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اها ئي نعمت ان دنياوي زندگي ۾ ڏني وئي ۽ عطا بہ ان شان سان ٿي جو

قرباں میں شان و عظمت پر، سوئے ہیں چین سے بستر پر

جبریلِ امیں حاضر ہو کر معراج کا مژدہ سُناتے ہیں[1]

سُبْحٰنَ الله! هي آهي اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نرالي شان...!! ان ڪري تہ اسين چئون ٿا:

سب سے اولٰی و اعلٰی ہمارا نبی | سب سے بالا و اعلٰی ہمارا نبی

اپنے مولٰی کا پیارا ہمارا نبی | دونوں عالَم کا دُولہا ہمارا نبی

جس کو شایاں ہے عرشِ خُدا پر جلوس | ہے وہ سلطانِ والا ہمارا نبی[2]

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:286۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:138۔

## هڪ سوال ۽ ان جو جواب

پيارا اسلامي ڀائرو! هن جاءِ تي هڪ سوال آهي، اللّٰه پاڪ جا نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن ڪوهِ طور تي حاضر ٿيا، اللّٰه پاڪ کان هم ڪلامي جو شرف ماڻيو، عرض ڪيائون:

| | |
|---|---|
| رَبِّ اَرِنِیْۤ<br>(سيپارو: 9، الاعراف: 143) | ترجمو ڪنزُ العرفان: اي منهنجا رب! مون کي پنهنجو جلوو ڏيکار. |

اللّٰه پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| لَنْ تَرٰىنِیْ<br>(سيپارو: 9، الاعراف: 143) | ترجموڪنزُ العرفان: تون مون کي هر گز نہ ڏسي سگهندين |

پوءِ ڪوهِ طور تي هڪ تجلي وڌي وئي، ڪوهِ طور ريزه ريزه ٿي ويو ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام اُن تجلي جي تاب نہ سهندي، بيهوش ٿي ويا.

هي صرف هڪ تجلي هئي، جنهن کي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پوري طرح ڏسي نہ سگهيا هئا، ان هڪ تجلي کي ڏسڻ جو ايترو اثر ٿيو جو پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام چهري مبارڪ تي نقاب وجهي رکندا هئا، سندن چهري مبارڪ تي ان تجلي جو فيضان ايترو هو جو پاڻ پنهنجي چهري تي نقاب وجهي رکندا هئا، ڪير ڪين بغير نقاب جي ڏسي وني ها تہ ان تجلين کي برداشت نہ ڪري سگهي ها. ايتري قدر جو جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو دنيا کان وڃڻ جو وقت آيو تہ سندن گهر واريءَ عرض ڪيو: مان 40 سالن کان اوهان سان گڏ آهيان، مهرباني ڪري اڄ تہ پنهنجي ديدار سان نوازيو! پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام گهر واري جي هي بيتاب آرزو ٻڌي رخ انور تان نقاب ڪٽي ڇڏيو، گهر واري

جڏهن ان تجلي جو فيضان ڏنو ته برداشت نه ڪري سگهيون ۽ الله پاڪ جي حضور سجدي ۾ ڪري پيون.[1]

الله اڪبر! هي صرف هڪ تجلي جو فيضان آهي ۽ تجلي به اها جيڪا ڪوهه طور تي وڌي وئي هئي. هاڻي سوال هي آهي ته اسان جا آقا و مولا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ته شبِ معراج صرف هڪ تجلي جو نه بلڪ خود ربّ ڪريم جو ديدار ڪيو، بغير حجاب جي ڪيو، مٿي جي اکين سان ڪيو ۽ اک ڇنڀڻ بغير ڪيو، ان جي باوجود پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نه چهري تي نقاب وجهندا هئا، نه ئي سندن چهرهء پرنور کي ڏسي ڪير بيهوش ٿيندو هو...؟ آخر ان ۾ ڇا راز آهي...؟؟

صوفياءِ ڪرام هن سوال جو تمام ئي ڪمال جواب ڏنو آهي. امام قشيري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: هي ڳالهه حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي معاملي جهڙي آهي، ڪين ڏسي مصر جي عورتن هٿ وڍي ڇڏيا هئا پر اهي ماڻهو جيڪي پاڻ سان گڏ رهندا هئا، ڏينهن رات سندن ديدار ڪندا هئا، انهن ڪڏهن به هٿ نه وڍيا.[2] مطلب چوڻ جو هي ته پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي معراج صرف هڪ پيرو نه ٿي، خواب جي ذريعي تقريباً 34 پيرا معراج ٿي ۽ جيتري قدر ڳالهه آهي انوار و تجليات جي ته اهي ته پاڻ سڀڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڏينهن رات وسنديون رهنديون هيون.

## انوار و تجليات جي بارش

هڪ دفعي جو ذڪر آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو جنازو پڙهڻ لاءِ ويا، جڏهن واپس تشريف ڪٺي آيا ته سيده عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا گهر هيون، پاڻ جلدي ۾ ڪو ڪپڙو ڪنيو، مٿي تي ويڙهيائون ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

---

[1]...تاريخ ابن عساڪر، رقم:7741، موسى بن عمران بن يصہر بن قامت، جلد:61، صفحہ:174۔

[2]...ڪتاب المعراج، باب ذڪر الاسئلة فی المعراج، صفحہ:67 خلاصةً۔

استقبال لاءِ صحن ۾ اچي ويون، ڇا ٿيون ڏسن تہ هر طرف مينهن وسي رهيو آهي پر رسولِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو لباس مبارڪ بلڪل خشڪ آهي. حيراني وچان پڇيائون: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ٻاهر مينهن وسي رهيو آهي پر اوهان جو لباس مبارڪ خشڪ آهي، ان ۾ ڇا حڪمت آهي؟ فرمايائون: عائشہ! تو مٿي تي ڇا ويڙهيو آهي؟ عرض ڪيائين: هي اوهان جي چادر مبارڪ آهي، جلدي ۾ هيءَ هٿ آئي، مون هيءَ ئي ويڙهي ڇڏي. فرمايائون: ان ڪري لاهہ! سيده عائشہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا چادر مٿي تان لاٿي تہ ڏٺائين تہ اتي ڪو بہ مينهن نہ هيو، تمام گهڻيون حيران ٿيون، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي عائشہ! هي الله پاڪ جي انوار و تجليات جو مينهن آهي، جيڪو هر وقت وسندو رهندو آهي، تو منهنجي چادر پاتي تہ تنهنجون نگاهون روشن ٿي ويون ۽ تو هن مينهن کي اکين سان ڏسي ورتو.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي منهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان جو پاڻ تي هر وقت ئي انوار وتجليات جي بارش وسندي رهندي آهي. نتيجو هي نڪتو تہ جهڙي طرح اهي ماڻهو جيڪي ڏينهن رات حُسنِ يوسف کي ڏسڻ جا عادي هئا، انهن مدهوشي ۾ آڱريون نہ ڪٽيون، اهڙي طرح اهي صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جيڪي هن مرڪزِ انوار و تجليات يعني چهرهءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسڻ جا عادي هئا، اهو ئي سبب آهي جو شبِ معراج ديدارِ الٰهي ڪرڻ جي باوجود نہ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جيان چهري تي نقاب وجهڻ جي ضرورت پيش آئي، نہ ئي صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم ڪڏهن رخِ مصطفيٰ ڏسي بيهوش ٿيا، ها! هن نرالي چهري کي ڏسڻ ۾ هڪ لطف هو، جيڪو صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم وڏي شوق سان حاصل ڪندا هئا.

---

[1]...مثنوی معنوی، قصہ سؤال کردن عایشہ...الخ، صفحہ:72 خلاصۃً۔

## صحابہِ کرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جي بلند شان

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي ئي صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جي فضيلت تي بہ غور فرمايو! صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم اهي آهن جو ساري امت جا وڏي کان وڏا اولياءِ ڪرام گڏ تي وڃن، هي سڀ ملي ڪري بہ ڪنهن صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي مقام تي هرگز نٿا پهچي سگهن، آخر ان جو سبب ڇا آهي؟ صرف ۽ صرف هيءَ ئي سبب آهي جو انهن بلند رتبي وارن ماڻهن انهن مبارڪ اکين جي زيارت ڪئي آهي، جن اکين ربِ ڪريم جو ديدار ڪيو آهي.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| هر صَحابیِ نبی! | جنّتی | جنّتی | سب صَحابیات بھی! | جنّتی | جنّتی |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی | جنّتی | حضرتِ صدّیق بھی! | جنّتی | جنّتی |
| اور عُمرِ فاروق بھی! | جنّتی | جنّتی | عُثمانِ غنی! | جنّتی | جنّتی |
| فاطِمہ اور علی! | جنّتی | جنّتی | ہیں حَسَن حُسین بھی! | جنّتی | جنّتی |
| والدَینِ نبی! | جنّتی | جنّتی | ہر زوجۂ نبی! | جنّتی | جنّتی |
| اور ابو سُفیان بھی! | جنّتی | جنّتی | ہیں مُعاویہ بھی! | جنّتی | جنّتی (1) |

## اهو جلوو بار بار ڏٺو!!...

پيارا اسلامي ڀائرو! رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شبِ معراج الله پاڪ کي ڏٺو، مٿي جي اکين سان ڏٺو ۽ صرف هڪ ڀيرو نہ ڏٺو بلڪ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَقَدۡ رَاٰہُ نَزۡلَةً اُخۡرٰی ﴿۱۳﴾<br>(سيپارو: 27، النجم: 13) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ان تہ اهو جلوو ٻيهر ڏٺو. |

[1]...وسائلِ فردوس،صفحہ:53-

مفسرينِ ڪرام فرمائن ٿا: هي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام واري واقعي جي طرف اشارو آهي،[1] تنهنڪري بخاري شريف جي حديثِ پاڪ آهي: اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: معراج جي رات اللّٰه پاڪ مون تي ڏينهن ۽ رات ۾ 50 نمازون فرض ڪيون، جڏهن مان حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام وٽ پهتس تہ انهن چيو: اوهان جي رب اوهان جي اُمَّت تي ڇا فرض ڪيو آهي؟ مون چيو: هر ڏينهن رات ۾ 50 نمازون فرض فرمايون آهن. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام چيو: پنهنجي رب وٽ وڃي انهن نمازن ڪي گهٽ ڪرايو، اوهان جي امت 50 نمازون نہ پڙهي سگهندي ڇاڪاڻ تہ مون بني اسرائيل کي آزمايو آهي (انهن تي ڏينهن ۽ رات ۾ صرف 2 نمازون فرض هيون، جيڪي اهي ادا نہ ڪري سگهيا، تہ پوءِ اوهان جي امت 50 نمازون ڪيئن ادا ڪندي). اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مان پنهنجي ربّ وٽ واپس ويس ۽ عرض ڪيم: يا ربّ! منهنجي امت تي ڪجهہ آساني فرماءِ، اللّٰه پاڪ 5 نمازون گهٽ ڪري ڇڏيون. مان وري حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام وٽ پهتس ۽ چيم تہ اللّٰه پاڪ 5 نمازون گهٽ ڪري ڇڏيون آهن. پوءِ موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ساڳي ڳالهہ چئي، ايستائين جو گهٽائيندي گهٽائيندي صرف 5 نمازون رهجي ويون، تہ اللّٰه پاڪ فرمايو: پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڏينهن ۽ رات جون اهي 5 نمازون آهن ۽ انهن مان هر نماز جو ڏهوڻو اجر ملندو، ان ڪري اهي نمازون (پڙهڻ ۾ 5 پر اجر ۽ ثواب جي لحاظ کان) 50 ئي رهنديون.[2]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! اها آهي اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان مبارڪ...!! شبِ معراج پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 10 ڀيرا اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيا، هڪ تہ پهرين حاضري ٿي، پوءِ

---

[1]...تفسير نور العرفان، پاره:27، النجم، زير آيت:13، صفحہ:840 خلاصةً۔

[2]...بخارى ،كتاب مناقب الانصار ،باب المعراج ،صفحہ:977،حديث:3887خلاصةً۔

حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام جي درخواست تي 9 ڀيرا حاضري جي سعادت حاصل ڪئي. سُبْحٰنَ الله!

قصرِ دنٰی تک کس کی رسائی | جاتے یہ ہیں، آتے یہ ہیں

۽ ڪنهن عاشقِ رسول چيو:

اَوج پانا مرے حُضُور کا ہے | عرش جانا مرے حُضُور کا ہے
عرش سے بھی پرے وہ ہو آئے | آنا جانا مرے حُضُور کا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز مؤمن جي معراج آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هن ڳالهه تي به غور فرمايو! ته نماز ڪيتري اهم عبادت آهي. الله پاڪ پنهنجي محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجي خاص بارگاهه ۾ اڪيلائي ۾ گهرايو، ڪيترو اهتمام ڪيو ويو، پوءِ اتان ڪان جيڪو محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري امت لاءِ تحفو موڪليو، اهو ئي پياريون پياريون نمازون آهن. ۽ ڪرم جي ڳالهه ڏسو! اسان تي صرف 5 نمازون فرض آهن پر انهن جو ثواب 50 نمازن جي برابر رکيو ويو آهي. سُبْحٰنَ الله!

مِرْقَاةُ الْمَفَاتِيْح ۾ آهي: اَلصَّلَاةُ مِعْرَاجُ الْمُؤْمِن نماز مؤمن جي معراج آهي.[1]

اها ڪهڙي زبردست نوازش آهي...! اسان کي نماز جو تحفو مليو ۽ نماز مؤمن جي معراج آهي، هاڻي قيامت تائين مسلمانن تي اها عنايت ٿي وئي ته زندگي ۾ هڪ ڀيرو نه، سال ڪان پوءِ نه، مهيني ڪان پوءِ نه بلڪ روزانو 5 ڀيرا ٻانهو وضو ڪري، مسجد ۾ حاضر ٿئي، توجهه سان، خشوع ۽ خضوع سان، دل سان نماز پڙهي، پنهنجي پياري الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضري

[1]...مرقاةُ المفاتيح،كتاب الصلاة ، باب المساجد و مواضع الصلاة، جلد:2، صفحہ:421،تحت الحديث:746 ـ

ڏئي، پنهنجو متو سجدي ۾ رکي ۽ الله پاڪ سان هم ڪلامي جو شرف حاصل ڪري وٺي. سُبْحٰنَ الله! اها آهي مسلمان جي معراج!....

| | |
|---|---|
| ہر عبادت سے بَرتَر عبادت نَماز | ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نَماز |
| قلبِ غمگیں کا سامانِ فَرحت نَماز | ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نَماز |
| نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ | رب سے دلوائے گی تم کو جنَّت نَماز |
| پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ | قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نَماز |
| بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہئے | آپ پڑھتے رہیں باجماعت نَماز(1) |

## تحفهءِ معراج جي قدر ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! زماني جو دستور آهي ته ماڻهو تحفن جي قدر ڪندا آهن، خاص طور تي جڏهن تحفو ڪنهن وڏي شخصيت کان ملي ته ان کي سنڀالي رکيو ويندو آهي ۽ پنهنجي قسمت تي ناز ڪيو ويندو آهي. ان جي برعڪس جيڪي ماڻهو تحفن جي قدر ناهن ڪندا يا تحفو ڏيندڙ جو شڪريو ادا ناهن ڪندا ته اهڙا ماڻهو معاشري ۾ سٺي نظر سان ناهن ڏٺا ويندا. مان جنهن تحفي ڏانهن توجهه ڏيارڻ چاهيان ٿو اهو مخلوق جو نه بلڪ خالقِ ڪائنات الله پاڪ جو ڏنل آهي، جيڪو شبِ معراج پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذريعي مسلمانن کي عطا فرمايو ويو، هن تحفي کي مديني واري ميرَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اکين جي ٿڌاڻ قرار ڏنو.[2]

هاڻي اسان کي غور ڪرڻو آهي ته اسان هن تحفهءِ معراج جي ڪيتري قدر ڪري رهيا آهيون. هاءِ! افسوس! اڄڪلهه نماز جي بلڪل فڪر ئي ناهي ڪئي ويندي، مسلمانن جي اڪثريت نمازن کان پري آهي ۽ جيڪي نماز پڙهندا آهن، انهن ۾ به هڪ تعداد اهڙن جو آهي، جيڪي ڪڏهن پڙهي وٺندا

[1]...وسائلِ فردوس، صفحہ:22۔

[2]...نسائی، کتاب عشرۃ النساء، باب حب النساء، صفحہ:644، حدیث:3945۔

آهن ڪڏهن ناهن پڙهندا، يا 2، 3 يا 4 پڙهي وٺندا آهن، 5 پوريون نہ پڙهندا آهن، جيڪي 5 پوريون پڙهندا آهن، انهن ۾ بہ هڪ تعداد آهي، جيڪي جماعت ڇڏي ڏيندا آهن، مسجد ۾ باجماعت نماز ادا ناهن ڪندا. ڪاش! اسان کي هن معراج جي تحفي جي قدر نصيب ٿي وڃي.

## معراج جي رات عذاب ڏٺو

روايتن ۾ آهي: معراج جا گهوٽ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم معراج جي رات اهڙن ماڻهن وٽ تشريف وني ويا، جن جا مٿا پٿر سان چٿريا پئي ويا، جڏهن بہ انهن کي چٿريو ويندو هو، اهي پهريان وانگر درست ٿي ويندا هئا ۽ اهو سلسلو ائين ئي هلندو رهندو هو تہ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڇيو: اي جبريل! هي ڪير آهن؟ عرض ڪيائين: هي اهي ماڻهو آهن جن جا مٿا نماز پڙهڻ کان بَوجهل (يعني ڳرا) ٿي ويندا هئا (يعني فرض نماز ڇڏي ڏيندا) هئا.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن مٿي ۾ معمولي ڏکُ لڳي وڃي تہ ٻانهو تڙپي وڃي تہ معاذالله! نمازون قضا ڪرڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن ان جو نازڪ مٿو فرشتن پٿر سان چٿرڻ شروع ڪيو تہ ان جو ڇا ٿيندو! ڪاش! ڪاش! ڪاش! سڀئي مسلمان پڪا نمازي بڻجي وڃون.

| | |
|---|---|
| بے نمازی جہنّم کا حقدار ہے | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| قبر میں سانپ بچھو لپٹ جائیں گے | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| سہہ سکو گے نہ دوزخ کا ہرگز عذاب | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| دیکھو! اللہ ناراض ہو جائے گا | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز( 2 ) |

[1]… مسند بزار، ما انفرد بہ البصرين ابو العاليہ او غيره، جلد:17،صفحہ:5، حديث:9518۔

[2]…وسائلِ فردوس، صفحہ:23۔

## ديدارِ الٰهي حاصل ڪرڻ جو وظيفو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو، الله پاڪ شبِ معراج پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ديدار جو شرف عطا فرمايو ۽ صرف هڪ ڀيرو نه بلڪ رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا پنهنجي ربّ ڪريم جو ديدار حاصل ڪيو. هتي اها ڳالهه ياد رکو ته دنيا ۾ جاڳندي، مٿي جي اکين سان الله پاڪ کي ڏسڻ، صرف ۽ صرف اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خصوصي شان آهي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سواءِ دنيا ۾ ڪنهن کي به جاڳندين اکين سان ديدار نٿو ٿي سگهي. البت دنيا ۾ خواب جي حالت ۾ الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيڻ ممڪن به آهي ۽ ڪيترن ئي عالِم سڳورن کي اهو شرف نصيب به ٿيو آهي، مثال طور اسان جي امام، امامِ اعظم ابوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ کي خواب ۾ الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيو،[1] امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ کي خواب ۾ 100 ڀيرا الله پاڪ جو ديدار ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي.[2]

مقصد اهو آهي ته دنيا ۾ به خواب جي حالت ۾ الله پاڪ کي ڏسڻ ممڪن آهي، اسان کي به گهرجي ته پنهنجي دل ۾ الله پاڪ جو ديدار حاصل ڪرڻ جو شوق وڌايون. حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَنْ اَحَبَّ لِقَاءَ اللهِ اَحَبَّ اللهُ لِقَائَهٗ جيڪو الله پاڪ سان ملاقات کي پسند ڪندو آهي، الله پاڪ ان جي ملاقات کي پسند فرمائيندو آهي.[3]

علماءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا: (1): جيڪو شخص روزانو سورت آل عمران پڙهي ڪري سمهي، ان شاءَ اللهُ الْڪريم! ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن خواب ۾ الله پاڪ جو ديدار نصيب فرمائيندو (2): ۽ جيڪو شخص 40

---

[1]...اشعة اللمعات، باب رویۃ اللہ تعالی، جلد:4، صفحہ:425۔

[2]...حياة الحيوان الكبرىٰ، باب الهمزة، الانسان، جلد:1، صفحہ:58۔

[3]...الزہد لابن المبارک، الجزء السابع، باب فضل ذکر اللہ، صفحہ:290، حدیث:971۔

شبِ جمعہ (يعني خميس ۽ جمعةُ المبارڪ جي وچين رات جو) سورهءِ طٰہٰ پڙهي، ان شاءَ اللّٰهُ الْڪريم! خواب ۾ ديدار الٰهي سان مشرف ٿيندو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! شعبان شريف اچڻ وارو آهي، تمام گهڻين برڪتن، عظمتن وارو مهينو آهي، پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي شَهْرِیْ يعني منهنجو مهينو فرمايو، ان ڪري شعبان کي آقا جو مهينو بہ چيو ويندو آهي ۞ شعبان شريف ڪيئن گذارڻو آهي...؟ ۞ ان ۾ ڪهڙا نيڪ عمل ڪرڻ گهرجن...؟ ۞ ان جا فضائل ڪهڙا آهن...؟ ۞ ان جون برڪتون ڇا آهن...؟ اهي سڀ ڪجھ ڄاڻڻ لاءِ شيخ طريقت امير اهل سنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو آقا جو مهينو ضرور پڙهي وٺو.

الله پاڪ اسان کي نيڪ ڪم ڪرڻ، شوق ۽ ذوق ۽ ايمان جي لذت نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| مانندِ شمع تیری طرف لو لگی رہی | دے لطف میری جان کو سوز و گداز کا(2) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ٽيچر موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: قرآن ٽيچ (Quran Teacher). هن ايپلي ڪيشن ۾ شاگرد درس نظامي، فيضانِ نماز ڪورس ۽ زڪوات ڪورس جهڙن انمول آن لائن ڪورسن لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهن ٿا. ۞ ايجوڪيشن پورٽل (Educational Portal) ۾ پنهنجي آن لائن ڪلاس جي سرگرمين بابت باخبر رهي سگهجي ٿو. ۞ اها ايپلي ڪيشن آن لائن ٿيندڙ ڪورسز بابت بہ معلومات فراهم ڪري ٿي. ۞ اوهان پنهنجي مرضيءَ مطابق

---

[1]...تحفہ معراج النبی، صفحہ:183۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:18۔

ڪنهن بہ ڪورس جو انتخاب ڪري سگهو ٿا ۽ بغير ڪنهن مشڪل جي آن لائن قرآن سکڻ لاءِ داخلا وٺي سگهو ٿا. ۞ دعوتِ اسلامي جي هن پليٽ فارم تي تقريباً 55 ڪورسز ڪرايا ويندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان ڪي اختتام ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو: پاڪ دستانا پائي نماز پڙهڻ شرعي طور تي جائز آهي.**

**وضاحت:** سردين جو موسم آهي، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو سوال پڇندا آهن تہ دستانا پائي نماز پڙهي سگهون ٿا يا نہ، ڪجهہ جو سوال هوندو آهي تہ گرم چادر جيڪا ويڙهي رکي آهي، هٿ ان جي هيٺان لڪائي سگهون ٿا يا نہ. ان حوالي سان مسئلو ٻڌي وٺو! عام حالتن ۾ مرد لاءِ بهتر اهو ئي آهي تہ نماز ۾ هٿ کُليل رکي. البت شريعت اسان کي سهولت ڏني آهي تہ سردي وغيره جي ڪري هٿ ڍڪي (مثال طور دستانا پائي يا ويڙهيل چادر جي هيٺان لڪائي) بہ نماز پڙهي سگهجي ٿي، اهو بلڪل جائز آهي.[1] اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ سردي جي ڪري هٿ ڍڪي نماز ادا فرمائي، جيئن حضرت وائل بن حُجر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نماز پڙهندي ڏٺو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن نماز شروع ڪئي تہ پنهنجا هٿ ڪڍي تڪبير تحريمہ چئي پوءِ انهن کي ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو (مثال طور چادر وغيره جي هيٺان ڪري ڇڏيو). پوءِ رڪوع ۾ ويندي هٿ ڪپڙي مان ڪڍي ڇڏيا.[2] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي

---

[1]... فتاوىٰ اهلسنت (غير مطبوعہ)، فتوىٰ نمبر:Pin-7380۔

[2]... مسلم، ڪتاب الصلاة، باب وضع يده اليمنى على اليسرىٰ...الخ، صفحہ:157، حديث:401۔

احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اسماءُ الحسنیٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَامَاجِدُ

جيڪو بہ يَا مَاجِدُ 10 ڀيرا پڙهي ڪري شربت وغيره تي دم ڪري پيئندو رهندو، ان شاءَ اللّٰهُ الْڪريم! بيمار نہ ٿيندو.[1] الله پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]...مدنی پنج سوره، صفحہ:255۔